سڪندر ساگر پنهيار

٥، ٩، ٢٠٠٧

جنگِ مياڻي

(با تصوير)

مصنف:

قادر بخش نظاماڻي

مير نصير خان جو خط

وائي آن دريا ڪه موجش ڪم تپيد
گوهر خودرا زعوا صان خريد

هتي مير نصير خان جي انهي خط جا ڪجهه حصا ڏين پيجا، نه ٿيندا. جو هن 22- ڊسمبر 1943ع تي ساسور (پونا) مان نظر بندي جي وقت انگريزي اختياري وارن ڏانهن لکيو هو. اهو خط ميانڻي کان اڳ جي واقعات تي اهم روشني ٿو وجهي. هيءُ خط مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سند" انگريزي ڇاپي ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

خط ۾ مير صاحب انگريزن ڏانهن پنهنجي دوستي ۽ نيڪ نيتي واري جذبي جو ذڪر ڪرڻ بعد لکي ٿو ته:

افغانن سان جنگ وقت حيدرآباد ۾ ريزيڊنسي قائم ڪرڻ ۽ سنڌ مان فوجن لنگهائڻ جي اوهان کي اجازت ڏئي اسان پنهنجن بلوچن ۽ خود افغانستان جي دشمني پرائي. اسان سمورا خيال ڇڏي اوهان جي دوستيءَ کي مقدم رکيو. مون ۽ نور محمد خان اوهان جي لنگهندڙ فوجن لاءِ اُٺن ۽ ٻيڙيون وغيره موجود ڪري ڏيڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي. اسان بلوچن لاءِ عام اعلان ڪيو ته جيڪو اوهان کي لٽيندو يا ٻي طرح تنگ ڪندو ان تي اسان ناراض ٿينداسون ۽ ان کي سخت سزا ڏينداسون. هن حڪم جي پوئواري به ڪئي وئي. پر سر جان ڪين پنهنجي فوج کي جهرڪن ۾ آڻڻ بعد، فوج جي خرچ لاءِ 21 لک رپيه نقد طلب ڪيا. جو بلڪل ناجائز هو. جيڪڏهن اوهان چوندا ته اها رقم شاه شجاع جي مدد لاءِ گهري وئي هئي ته مان اوهان کي ٻڌائيندس ته شاه شجاع اسان کي قرآن شريف تي لکي ڏنو هو ته هو ڪو به اهڙو قدم نه کڻندو جو اسان جي يا اسان جي ملڪ جي مفاد جي خلاف هجي. سر جان ڪين جي فوجن جي افغانستان ڏانهن روانگي بعد اوهان جي نمائندي ڪرنل پاٽنجر

12 نقطن وارو هڪ ٻيو معاهدو دستخطن ڪرڻ لاءِ اسان جي اڳيان پيش ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ سد سڪندري وانگر دائمي ٿيندو. خدا جو شڪر آهي تہ مون هڪڙي بہ معاهدي جي خلاف ورزي نہ ڪئي آهي، جنهن لاءِ رڪارڊ شاهد آهن. ٿوري وقت کان پوءِ وري 1842ع ۾ اوهان جي طرفان اجا بہ ٻيو معاهدو قبول ڪرڻ لاءِ اسان کي چيو ويو. جنهن موجب مون کان پنهنجي ملڪ جي گهڻي حصي تان دستبردار ٿيڻ جي طلب ڪئي وئي هئي. مون ان تي پنهنجا وڪيل آخوند بچل ۽ سيد سعد علي شاهہ جنرل نيپيئر وٽ سکر ڏياري موڪليا. سندن روانگي کان پوءِ مون کي جنرل نيپيئر جو ڪاوڙ ڀريو خط پهتو، جنهن تي مون غلام علي خان نظاماڻي، خسرو بيگ ۽ يوسف خدمتگار کي نوشهري ۾ جنرل نيپيئر سان ملڻ لاءِ ڏياري موڪليو. جن کي جنرل نيپيئر ٻڌايو تہ نئين رٿيل معاهدي تي حيدرآباد ۾ مهرون هڻيون پونديون ۽ اسان، مير رستم خان کي بہ حيدرآباد ۾ سڏايون، جنهنجو ميجر آئوٽرام اُتي فيصلو ڪندو. مون 8 فيبروري تي خسر و بيگ ۽ محمد خان کي مهرون ڏئي آئوٽرام ڏانهن روانو ڪيو تہ وجي نئين عهدنامي قبولڻ جي قبوليت تي مهرون هڻي اچن. مان آئوٽرام کي چوائي موڪليو تہ هو جنرل نيپيئر کي ٻڌائي تہ مان ڪهڙو نہ جلد ۽ بلڪل نيڪ نيتي سان معاهدي قبولڻ لاءِ تيار ٿيو آهيان، جنهن ڪري سندس چڙهائي جو ضرور ڪونهي. 9 تاريخ صبح جو آئوٽرام، جنرل نيپيئر ڏانهن انهيءَ مطلب لاءِ ماڻهو بہ موڪليا. پرهنن موٽڻ تي ٻڌايو تہ جنرل نيپيئر پنهنجي ڪاهہ ملتوي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. 21 تاريخ ميجر آئوٽرام معاهدي جو مسودو ڪڍي آيو ۽ چيائين تہ ان تي اسان سڀئي خيرپور وارن ميرن سميت، پاڻ پنهنجي سر مهرون هڻون تہ پوءِ هو جنرل کي خط لکندو. جا ڳالهہ بہ منظور ڪئي وئي. بلوچن اها خبر ٻڌي ميجر آئوٽرام جي دربار مان نڪرڻ تي مٿس حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ميجر آئوٽرام جي زندگي مون کي پنهنجي زندگي جهڙي پياري هئي. انهيءَ ڪري مون 10-12 قابل اعتماد سردار ساڻ ڪري ڏنس تہ وجي کيس ريزيڊنسي ۾ پهچائي اچن. هنن واپس موٽڻ تي مون کي ٻڌايو تہ

رستي ۾ پن ٽن هنڌن تي بلوچن جون ٽوليون هنن ويٺل ڏنيون جي شرارت لاءِ تيار نظر ٽي آيون. مان هڪدم منشي ماڌاجيءَ کي ميجر آئوٽرام ڏي موڪليو ته وچي کيس خطري کان آگاهه ڪري اچي. 13 تاريخ مان بلوچن تي زور بار آندا ۽ کين ڌمڪايو ته هو ڪابه شرارت نه ڪن جو عهدنامو ٿي چڪو هو، ۽ انگريزي فوج جي چڙهائي هاڻي روڪي ويندي. پر 14 فيبروري تي اطلاع مليو ته جنرل نيپئر جي فوجي ڪاهه بدستور جاري آهي. انهيءَ اطلاع ملڻ تي بلوچن حيدرآباد ڇڏي 6 ميل پريان مياڻي جي ڳوٺ وٽ ڦليليءَ جي اورئين پاسي وڃي خيما هنيا. هنن طرفان مون تي به زور آندا ويا ته آئون ساڻن مقابلي ۾ شريڪ ٿيان. مون کين ٻڌايو ته اسين انگريزن سان نئين عهد نامي تي صحيحون ڪري چڪا آهيون. هاڻي ڪيئن هلي سندن خلاف جنگ ۾ شامل ٿيون؟ پر جنرل نيپئر اعلان ڪيو ته ڪو به بلوچ سندس مقابلو ڪندو ته هو ان لاءِ اسان کيْ ذميدار قرار نه ڏيندو. مون ڏٺو ته بلوچ بهر صورت نيپئر جو مقابلو ڪندا ۽ هر حالت ۾ مون تي ذميداري پوندي. ان ڪري بهتر صورت اها آهي ته مان پاڻ بلوچن جي ڪئمپ ۾ وڃي کين سندن ارادن تان باز آڻڻ جي ڪوشش ڪريان، جو انگريزن خلاف جنگ بي معنيٰ هئي. مان بلوچن تي سخت ناراض هوس، پر خيال ڪيم ته منهنجي وٽن موجودگي سندن جوش گهٽ ڪرڻ لاءِ مفيد ٿيندي ۽ شايد کين جنرل جي مقابلي ڪرڻ کان روڪي به سگهان. انهيءَ ڪري بلوچن وٽ ويس (شايد 16-فيبروري 1943ع تي). هڪڙو ڏينهن ۽ رات کين سمجهائيندو رهيس، نيٺ هو پنهنجي ضد کان باز آيا ۽ مون ٻئي ڏينهن صبح جو سوير (17. فيبروري) جنرل کي ماڻهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ته کيس وڃي چون ته هو وڙهي نه ۽ دوستاني نموني مير رستم خان جي "رئيسي" وارو معاملو طئي ڪري. پر ٻئي ڏينهن صبح ٿيڻ شرط سوير ئي اطلاع پهتو ته جنرل پنهنجي فوجن سميت بلڪل قريب پهچي چڪو آهي ۽ انگريزي فوجن پهچندي ئي بلوچي ڪئمپ تي توبن سان گوله باري شروع ڪري ڏني. مان مٿي ڦليليءَ جي ڪناري تي چڙهان ئي چڙهان ان کان اڳ ۾ ئي عام

دوبدو جنگ شروع ٿي وئي. مان ذاتي طرح ڪوشش ڪري ان وقت به بلوچن کي انهن انگريز عملدارن تي حملي ڪرڻ کان روڪيو جي شروعات ۾ شايد بلوچن جي فوجي پوزيشن ۽ بيهڪ کي چڪاسڻ ۽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ گڏيل ٿيل بلوچن جي بلڪل قريب آيا هئا.* جنگ جي خاتمي تي مان حيدرآباد موٽيس ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻهي جنرل وٽ ويس. مون کي اميد هئي ته هو مونتي خوش هوندو. مان پنهنجي عيال يا خزاني کي به حيدرآباد مان ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪئي، جو مون کي پنهنجي وفاداريءَ جي قدر ٿيڻ جو يقين هو. مان شروع ۾ مير رستم خان جي حيدرآباد ۾ اچڻ جي به بر خلاف هوس، پر جنرل نيپئر جي خواهش تي ئي کيس حيدرآباد اچڻ جي دعوت ڏني وئي هئي."

مير صاحب پنهنجي خط ۾ وڌيڪ، قلعي جي وحشتناڪ نموني ڦرلٽ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو آهي ته مير شير محمد خان سان انگريزن جي ٻي واري جنگ، وقت ڪيئن پاڻ نظربندي مان به ڪوشش ڪيائين ته بلوچ مير شير محمد خان سان شامل ٿي انگريزن خلاف جنگ ۾ حصو نه وٺن.

مير صاحب جي خط ۾ ريزيڊنسي واري واقعي جو ڪو به ذڪر ڪونهي نه وري مياڻيءَ بابت بلوچن طرفان بيان ڏيندڙ ڪنهن به احوال ۾ ان جو ڪو ذڪر آهي اهو فقط انگريزن جو بيان ڪيل قصو آهي. جنهن جي تائيد ۾ سنڌ فتح ڪرڻ بعد انگريز ڪن محڪومن کان به اظهار ورتا. جن کان هو ڪنهن به قسم جا بيان حاصل ڪري ٿي سگهيا.

هيءَ ڳالهه به اهميت واري آهي ته مير نصير خان جي خط ۾ بلوچن جي حيدرآباد ڇڏي مياڻيءَ ڏي وڃڻ جي تاريخ 14 فيبروري ڏيکاريل آهي. پر انگريزن جي چوڻ موجب ريزيڊنسي وارو واقعو 15 فيبروري تي ٿيو، جنهن تاريخ تي بلوچ حيدرآباد ۾ موجود ئي ڪين هئا!

* هن واقعي جو ڪئپٽن جان جيڪب 23- فيبروري 1843ع تي پنهنجي پيءُ ڏانهن لکيل خط ۾ ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي ته هو جڏهن بلوچي فوج جي ڪٽ ڪرڻ ۽ پوزيشن چڪاسڻ لاءِ پنهنجي گهوڙيسوار دستي سان گڏ ٿيل بلوچن کان ٻن سون والن تائين آيو، تڏهن بلوچن مٿس حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. پر مير نصير خان کين انهيءَ اميد ۾ اٿين ڪرڻ کان روڪيو ته من اها به سلوڪ سازي جون ڳالهيون ٻولهيون ٿي سگهن!